ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

# نورالهديٰ شاهه جون سنڌي ادب ۾ خدمتون: هڪ اڀياس


***Abstract:***

*Noor-ul-huda Shah is a renowned writer of Sindhi & Urdu literature. She wrote short stories, dramas and poetry. She is a bold story writer and has taken the burning issues of Sindhi society. Her characters are real and very bold, who criticize the different aspects of society in a way doing manner .*

*Three anthologies of short stories, 'Jalawatan' جلاوطن 1980ع, 'Karbala' ڪربلا 1981ع, 'Ren aen Runj Jo Uthas' رڻ ۽ رُڃ جو اُٿهاس 1988ع and now collectedly in a book named: 'Kedaro' ڪيڏارو having 43 short stories in it. Published in 2006.*

*She has also written dramas in Urdu and Sindhi language and a book of poetry is on her credit, with a title: 'Qaydiani Joon Akhyoon Aen Chand' قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ. In this paper I have traced out importance of her literary work and carefully examined the topics language and the characters of her short stories to establish the idea and quality of her writing.*


**نورالهديٰ** شاهه سنڌي ادب جي اهم ليکڪائن ۾ ليکجي ٿي. هن ڪهاڻيون ۽ ڊراما لکيا آهن ۽ شاعري بہ ڪئي آهي. سندس جنم 22 جولاءِ 1957ع تي حيدرآباد شهر ۾ ٿيو. ٽکڙ تعلقي ٽنڊو محمد خان جي سيد گهراڻي سان تعلق رکندڙ، هن ليکڪا بنيادي تعليم لاهور مان حاصل ڪئي ۽ پوءِ انٽر ۽ بي اي ڪراچيءَ مان پاس ڪئي. اردو ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ جي ڪري سندس رغبت انهن ٻولين ڏانهن وڌيڪ رهي. سندس ننڍپڻ پڻ لاهور ۽ ڪراچي ۾ گذريو، تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ سان ڪيس شناسائي گهٽ هئي. سورنهن سالن جي ڄمار ۾ هن هلال پاڪستان ڪراچي اخبار پڙهڻ شروع ڪئي، جنهن منجهس سنڌيت جو ٻج ڇٽيو. هوءَ لکي ٿي:

”منهنجو ذهن جنهن جي ارتقا ترقي پسند اردو ادب سان ٿي هئي. مون سنڌ ڪان، سنڌي ماحول ڪان ۽ سنڌي ٻوليءَ ڪان پري اک کولي. ڪو تعلق ئي ڪو نہ هو انهن سان پنهنجائپ وارو. لفظ 'سنڌ' ئي اوپرو هو منهنجي لاءِ. سنڌيءَ نہ ڳالهائڻ ايندي هئي ۽ نہ سوچڻ. مان جڏهن سنڌ پهتيس تہ منهنجو ننڍڙو ذهن ڪجهہ بہ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ئي ڪو نہ هو. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهہ ڪرڻ وارا مون کي غدار لڳندا هئا. منهنجي ذهني اوسر 1965ع جي پاڪ پارت ويڙهہ واري دؤر ۾ ٿي هئي ۽ ان ماحول جو سحر طاري هو. ايوب خان ۽ پاڪ فوج منهنجا هيروز هئا ۽ اندر ئي اندر سنڌي هئڻ جو هڪڙو Inferiority Complex بہ پلجي رهيو هو، جيڪو ڪراچي پهچڻ ڪان پوءِ اڃان بہ وڌي ويو، جتي ڏاڍي شرمندگي مان پنهنجي سنڌي هئڻ جي Explanation ڏيڻي پوندي هئي.“(١)

انهيءَ دور ۾ سنڌ اسيمبلي پاران سنڌي ٻوليءَ واري بل بحال ٿيڻ تي احتجاج سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي ماحول تي اثر وڌو هو. اخبارن معرفت جذباتيت ۽ نفرت پکيڙِ ويئي. نور الهديٰ جي چواڻيءَ تہ، ”انهيءَ ماحول ڄڻ منهنجو رت دانگيءَ تي اٿلائي وڌو.“ اهڙيءَ ريت هن پوءِ ساڳيءَ اخبار ۾ لکڻ شروع ڪيو.

”مون سنڌ پهچڻ ڪان پوءِ پاڻ جهڙن ئي انسانن کي پنهنجي سامهون پٽ تي ويٺل ڏٺو ۽ انهن کي جهڪي اسان جا پير ڇهندي ڏٺم ۽ اهڙي سماج ۾ جيڪي ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو، اهو جڏهن منهنجي ذاتي تجربي ۾ آيو تہ اُن سان گڏئي ان ماحول ۾ Misfit هئڻ جي پيڙا، دل جي رڳن ۾ ڊوڙندڙ رت ۾ هميشہ لاءِ شامل ٿي ويئي. انهيءَ پيڙا سنڌ سان منهنجي رومينس ۾ اڃان بہ گهرائي آندي ۽ ان پيڙا ئي مون ڪان 'جلاوطن' ڪان پوءِ 'ڪربلا' جون ڪهاڻيون لکرايون.“(٢)

نور الهديٰ جي هم عصر ليکڪائن ۾ ليليٰ بانا، خيرالنساءِ جعفري، نذير ناز، سحر امداد، تنوير جوڻيجو، نيلوفر جويو ۽ ٻين بہ لکيو، پر هوءَ غير معمولي مقبوليت حاصل ڪندي پنهنجي فن ۾ هڪ الڳ مقام قائم ڪري ويئي آهي. نہ فقط ادبي طور، پر شخصي طور بہ هوءَ هڪ منفرد طبع جي مالڪ آهي. سنجيده، گهٽ ڳالهائڻي، پنهنجي پاڻ ۽ فن سان ڪميٽيڊ آهي. سندس تعلق علمي گهراڻي سان آهي ۽ لکڻ پڙهڻ هن جو ذاتي شوق ۽ طبع جي تسڪين جو ذريعو آهي. پنهنجي اڀياس، مشاهدي ۽ تجربي ذريعي مسلسل لکندي رهي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ سندس ٽي ڪهاڻين جا مجموعا ۽ هڪ نثري نظم تي مشتمل مجموعو ڇپيل آهن.

نورالهديٰ شاهه لکڻ جي شروعات نورالهديٰ شاهه عربيءَ جي نالي سان روزانہ 'جنگ' ۽ هفتيوار 'اخبار جهان' ۾ اردو ٻوليءَ سان ڪئي. سنڌيءَ ۾ روزانہ هلال







Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پاڪستان جي ’سگھڙين سٿ‘ جي صفحي ڪان شروعات ڪيائين.

نورالهديٰ جون ڪهاڻيون ’سگھڙين سٿ‘ ڪان پوءِ ’سهڻي‘، ’سرتيون‘ ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيون. ڪتابي صورت ۾ ٽي مجموعا، ’جلاوطن‘ 1980ع، ’ڪربلا‘ 1981ع ۽ ’رڻ ۽ رج جو اتهاس‘ 1988ع ۾ ڇپيا آهن. 2006ع ۾ انهن کي گڏي ’ڪيڏارو‘ جي عنوان سان روشني پبليڪيشن شايع ڪيو ۽ نصير مرزا اهو ڪتاب ترتيب ڏنو آهي، جنهن ۾ آيل ڪهاڻين جو ڳاڻيٽو، جلا وطن (11) ڪربلا (11)، رڻ ۽ رج جو اتهاس (16) ۽ ڪيڏارو (5) ڪهاڻيون آهن. ڪل 43 ڪهاڻين سان گڏ آخر ۾ ليکڪا طرفان سندس فن تي ’مان ۽ منهنجي ڪهاڻي‘ جي عنوان سان پنهنجا خيال پيش ڪيل آهن. اهي ڪهاڻيون نورالهديٰ جي ٽيهن سالن جي ادبي سفر جو ثمر آهن، جن جو ڳاڻيٽو مناسب مقدار ۾ هوندي فني معيار جي لحاظ ڪان پڻ اهم حيثيت رکي ٿو. مضمون معرفت نورالهديٰ جي فن ۾ موضوع، ڪردار نگاري، ٻولي جو استعمال، اسلوب، مڪالما، لفظن ۽ جملن جو استعمال ۽ ٻيون فني خوبيون ۽ خاميون پڙهندڙن جي سامهون آنديون ويون آهن.

موضوع جي جائزي ڪان پهرين آئون پڙهندڙن کي اهو نڪتو ذهن نشين ڪرائڻ چاهيان ٿي ته ڪنهن به ليکڪ جي فن جي پرک جي پروڙ سندس ارتقائي نظر ۽ تخيل مان پوي ٿي. نورالهديٰ شاهه پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي ٻرندڙ مسئلن تي نهايت بي باڪي سان لکيو آهي. سندس ڪهاڻين جا موضوع ڪوڙن عقيدن، ريتن، رسمن ۽ شرافت جي ڍونگن کي بي نقاب ڪن ٿا. نون موضوعن سان گڏ ڪٿي هن عام موضوعن کي به خاص نموني سان لکيو آهي. سندس پيش ڪيل موضوعن تي هيٺيان رايا آهن.

سيد مظهر جميل جي راءِ موجب: ”نورالهدیٰ شاہ کا جہانِ فن مختلف اور متنوع موضوعات سے گونجتا ہے اور وہ ہر واقعے اور ہر موضوع کو ایک جداگانہ انداز میں برتنے کا ہنر جانتی ہے۔ ان کی شہرہ آفاق کہانی ’میرے بیٹے کی ماں‘ (ترجمہ شاہ حنائی) بالکل مختلف موضوع، فضا آہنگ اور تاثر کی کہانی ہے۔ یہ ایک ایسی ماں کی کہانی ہے، جو قومی جدوجہد میں اپنی پوری زندگی گزار دیتی ہے۔ اس کہانی میں نورالہدیٰ شاہ نے ماں کا جو کردار تراشا ہے، وہ قومی حمیت اور خود آگہی کا بہت توانا مضبوط اور بے مثال کردار ہے۔ یہ وہ ماں ہے، جو قومی مفاد کے خلاف اپنے اکلوتے بیٹے تک کو دیکھنے کی روادار نہیں ہے۔ اس کہانی میں وہ سب خوبیاں موجود ہیں، جو فنی اعتبار سے ایک مکمل اور معیاری کہانی میں تلاش کی جاتی ہیں۔ ’گورکن‘ کہانی میں وہ فنی بلندیوں پر نظر آتی





ہیں۔ اس کہانی میں افلاس اور بھوک سے پیدا ہونے والی دردناک لہروں میں سب سے بڑا دکھ خود آدمی کا مقامِ آدمیت سے گر جانے کا ہے، جسے نورالہدیٰ شاہ نے مناسب چابک دستی سے اجاگر کیا ہے۔“(۳)

”نورالهديٰ شاهه نه رڳو سنڌ پر ۽ هند ۾ پنهنجي منفرد موضوعن ۽ انداز سببان ميڃتا ماڻي چڪي آهي. سندس ڪهاڻين جا موضوع جاگيردانه ڪلاس جي نمائندگي ڪن ٿا. حويليون، پير، وڏيرا ۽ اتي ٿيندڙ جبر ۽ تشدد کي هن نهايت سهڻي نموني ۾ چٽيو آهي.“(۴)

ڏِنو وڃي ته ادب ۾ جنسي مسئلن کي پيش ڪرڻ زندگيءَ جي هڪ بنيادي مسئلي جي عڪاسي آهي. سماج جي ڀلائيءَ خاطر ادب ۾ جنس جو فني پختگيءَ سان مهذب نموني اظهار متوازن ۽ صالح زندگيءَ ڏي ڇڪي ٿو ۽ نورالهديٰ معاشري ۾ جنسي مسئلن جي ڪارڻن تي لکيو آهي. انهن هٿ ٺوڪين روايتن تي لکيو آهي، جن جي ڪري جنسي مسئلا ڪر کڻن ٿا. نورالهديٰ شاهه مختلف موضوعن کي تخليقي اسلوب سان پيش ڪندڙ فنڪارا آهي. هن عورتن جي مختلف روين کي سنڌن معاشي ۽ اخلاقي مسئلن جي معرفت ظاهر ڪيو آهي. هڪ ڪهاڻيڪار هئڻ جي حيثيت سان نورالهديٰ پنهنجي فن ۾ عورت ذات جي جذبن، امنگن، اڻ پورين خواهشن، خوشين، ڏکن ۽ سورن جي ترجماني ڪئي آهي. عورت ذات جي انسان هئڻ جي حيثيت ۾ عزت ۽ احترام نه ڪرڻ تي نورالهديٰ جو احتجاج ملي ٿو. هن سندس وجودي مسئلن کي اڳيان آندو آهي. عورت جي تذليل ۽ مڙس طرفان وڪرو (پاروٿو گوشت) نشائي بيغيرت پيءُ طرفان ڏيون وڪڻڻ (سنگسار) پابندين تي بغاوت ڪندڙ مريم حسين (جلاوطن)، حويليءَ جي ڪوٺن ۾ بند ٿيل عورت جي شرافت/ بدناميءَ جي ڪهاڻي (شريف زادي) عورتاڻي حق جي ورهاست تي سراپا احتجاج بڻيل سڪينه (ناگاساڪي) فٽ پاٿ تي حرامي ٻار کي جنم ڏيندڙ فقيرياڻيءَ جو روڊن تي رلندڙ ممتا جو روپ (فوٽ پاٿ) معصوم قاتلا حاجره ۽ سندس سودو ڪندڙ دلال ربو (دوزخي) ۽ ٻيون ڪيتريون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ هن سماج جي هر طبقي جي عورت جي مسئلي تي بيباڪي سان لکيو آهي.

ايئن به نه آهي ته هُن رڳو عورتاڻن مسئلن کي موضوع بنايو آهي، گڏوگڏ ٻين به سماجي مسئلن تي لکيو اٿس. هن وٽ عورت توڙي مرد، ٻار توڙي ٻڍو هڪ انسان، هڪ فرد ۽ هڪ مڪمل شخص جي حيثيت رکي ٿو. هوءَ قومي ۽ بين الاقوامي انساني



Shah Abdul Latif Bhittai Chair

مسئلن جي بہ قلمڪار آهي. سندس ڪهاڻين ۾ انساني بنيادي حقن جي لتاڙ خلاف احتجاج آهن. سنڌ ۽ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم سان ٿيل ناانصافين تي آواز اٿاريل آهي. جنگ، خوف، بمباري، ڪرفيو، بليڪ آئوٽ، سپر پاور ملڪن جي طرفان ائٽمي هٿيارن جو ڦهلاءُ ۽ تباهہ ڪاري، ڏيهي ۽ پرڏيهي طور ملڪن ۾ ٿيندڙ بدامنيون، مارشل لائون، بک، بيوسي، غلامي، انسانيت جو ڪوس، حياتي حقيقت ۽ موت اٽڙ حقيقت جهڙن مسئلن تي سندس اهم ڪهاڻيون، ’ڪربلا‘، ’تون ۽ مان ڪڏهن نہ ملنداسين‘، ’آخري مئل ماڻهو‘، ’ڏوهي‘، ’مُڪتي‘، ’پاتال‘، ’اڻ پورو انسان‘، ’گورڪن‘، ’جلاوطنيءَ جي سرنگهہ‘، ’منظر جنهن جو ڪو انت ڪونهي‘، ’ناٽڪ‘، ’ڪيڏارو‘ ۽ ’پاتال‘ شامل آهن. قومي حقن جي لاءِ سجاڳي، نوجوان انقلابي شاگردن سان ٿيندڙ ناانصافيون، سنڌ، سنڌيت ۽ قوميت، ورهاڱي ڪان پوءِ جي وڇڙيلن لاءِ احساس، قومي تحريڪون ۽ ٻين ان نموني جي موضوعن تي سندس ڪهاڻين ۾ ’پن ڇڻ جي رت ۾‘، ’منهنجو مَن پنيور‘، ’سرحدون ۽ فاصلا‘، ’مندر اداس ڏيئو‘، ’اڏرات ديوداسي‘، ’ڪارا ڪڪر‘ ۽ ’پن ڇڻ جي رت ۾‘ آهن.

نورالهديٰ ڪيترن ئي موضوعن تي لکيو آهي. سندس فن جي اپياس مان ڄاڻ پوي ٿي تہ جديد موضوعن ۽ فڪر ڪي جن سنڌي ڪهاڻيڪارن اڳيان آندو آهي، انهن ۾ نورالهديٰ شاهہ جو نالو پهرين صف ۾ شامل آهي. هن سنڌي سماج جي غلط ريتن رسمن ۽ اخلاقي قدرن جي پامالي خلاف جهاد جوٽيو ۽ لڪيل ڇپيل نہ پر باآواز بلند بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. اهي ڳالهيون جيڪي چپن ۾ چوڻ جي همت بہ ماڻهو نٿي ڪري سگهيا، سي هن وڏي واڪي چيون.

اها حقيقت آهي تہ، سچو پچو ادبي فنڪار اهو آهي، جو نظرانداز ٿيل شين کي سامهون آڻي. ظالم ۽ مظلوم جي فرق ڪي ٻي ڊپو ٿي بيان ڪري، هُو زندگيءَ جي قدرن کي پرکي. رات جي تاريڪين ۽ اونداهين ڪوٺين ۾ ٿيندڙ وارداتن کي چٽو پٽو پيش ڪري. نورالهديٰ جي پيش ڪيل موضوعن جو اڀياس ڪرڻ سان سان معلوم ٿئي ٿو تہ هن سماجي حقيقتن جي بي رحميءَ سان چيرڦاڙ ڪندي صداقت ۽ بي باڪيءَ سان زندگيءَ جا گوناگون گوشا وائکا ڪيا آهن، جنهن ۾ هن سنڌي سماج جي اهڙن ٻرندڙ مسئلن جي نشاندهي ڪئي آهي، جيڪي ڪانئس اڳ ڪڏهن بہ هن ريت پيش نہ ٿيا هئا. ڪهاڻي ’جلاوطن‘ جي مريم حسين مرد ۽ عورت جي ناجائز تعلق ۾ فقط عورت کي





ڏوهاري نٿي سمجهي. هوءَ حوا جي نالي بهشت مان تڙجي نڪرڻ جي هاڃي ۾ آدم کي بہ برابر جو شريڪ سمجهي ٿي. زنا جي ڏوهہ ۾ مرد جي آزاد رهڻ ۽ عورت جي پوڳڻ ۽ تذليل تي تڙپندي چوي ٿي: ”هر گناهہ ۾ تون ۽ مان برابر جا شريڪ ٿيون تہ بہ گناهن جا داغ صرف منهنجو ئي پلوءِ ڇو ٿا آلو ڪن. منهنجي بدن جي نس نس گناهہ جو ثبوت بڻجيو وڃي. ڇو منهنجي ئي بدن ۾ مون لاءِ دوزخ جو عذاب رکيو ويو آهي. مان ’انالحق‘ جو نعرو هڻان بہ تہ تاريخ ۾ منهنجو ذڪر سنهري لفظن ۾ تہ نہ اچي ها جو مون تي تہ ثابت ٿيو هو زنا جو ناقابل معافي ڏوهہ ۽ منهنجو بدن هو ان ڏوهہ جو اکين ڏٺو ثبوت، پلا جنهن جا ڏوهہ پيشانيءَ تي لکيل هجن، ڪورٽ ڪيئن نہ ڏيندي هن کي سزا.“(5)

’شريف زادي‘ ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪا حويليءَ ۾ قيد هڪ فردوس نہ پر ڪيترين فردوسن جي نازڪ جذبن ۽ احساسن کي پيش ڪيو آهي. هن سنڌي سماج جي انهن عورتن جي دٻيل دلي سَڌن کي ظاهر ڪيو آهي، جيڪي ڏگهن ڪنگرن وارن ڪوٺن ۾ قيد آهن ۽ انهن ڪوٺن جا مروج قدر ۽ بندشون عورتن جي فطري جبلتن ۽ خواهشن کي رد ڪندڙ آهن، تڏهن ئي سندن وجود ڪڏهن پوسٽ تہ ڪڏهن بغاوت جو شڪار ٿي تباهہ ٿي وڃي ٿو. ليکڪا حويليءَ جي ان ماحول تي لکي ٿي: ”پاڙس جن نيون گاڏيون ڪنيو شهر جي چورين سميت حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ پيا ڊوڙندا هئا. پڙس ڳوٺ ۾ اچا تازو هڪڙي مهاڻي بي نڪاحي ويهاري هئي، سو ڏينهن جا ڏينهن ڳوٺ هوندو هو. هڪڙي ماڻس هئي، جيڪا سارو ڏينهن چرين وانگر پيئي سندس پيٽ گهوريندي هئي ۽ هوءَ هئي جا ڪمرو بند ڪيو سارو ڏينهن پينگهي ۾ اونڌو ڪنڌ ڪيو پيئي هوندي هئي.“(6)

اهڙيءَ ريت ٻين ڪيترين ڪهاڻين ۾ پڙهندڙن کي فردوس ۽ مريم حسين جهڙن ڪردارن لاءِ همدرديءَ جو احساس ٿئي ٿو. ’دوزخي‘ جي معصوم هاجره هجي يا جڳن کان غلاميءَ جي سنگهرن ۾ جڪڙيل شيدي بادشاهہ (Come back Africa) هيا. پوڙهي رئيس کي نہ چاهيندي بہ قبول ڪندڙ سڪينہ هجي (ناگا ساڪي)، هن وٽ موضوع جي هڪ مقصديت آهي.

ڊاڪٽر شمس الدين عرسائيءَ موجب: ”نورالهديٰ شاهہ وٽ جنسي مسائل جو موضوع نهايت بلند ۽ اعليٰ بنجي پوي ٿو، جنهن ۾ انسانيت جي زخمن جو حسن ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لتاڙيل درمانده ۽ ڀليل ماڻهن جي بلندي ۽ پستيءَ کي فڪري ۽ تخيلاتي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.“[۷]

نورالهديٰ جي سيني ڪهاڻين جو مون گهرو اڀياس ڪيو آهي. منهنجي نظر ۾ سندس فن جو مڪمل اڀياس اڃ تائين پوريءَ ريت نہ ڪيو ويو آهي. شروع ۾ فقط سندس هڪ ڪهاڻين جي مجموعي ڇپجڻ تي ڪيس هڪدم ’بولڊ‘ ۽ ’جنسيات‘ جي موضوع تي لکندڙ ليکڪا‘ سڏيو ويو. حالانڪ ايئن نہ آهي. ’جلاوطن‘ جي يارنهن ڪهاڻين کي جيڪڏهن سندس ادبي سفر جي ٽيهن سالن وارين ٻين ڪهاڻين کان ڌار ڪري اڀياس ڪجي تہ هوءَ ڪنهن بہ ريت فقط هڪ موضوع تي لکندڙ ليکڪا نہ آهي ۽ ’جلاوطن‘ جون بہ سڀ ڪهاڻيون جنس جي موضوع سان لاڳاپيل نہ آهن. هيءَ ليکڪا ادب معرفت، امن جو پيغام ڏيندڙ ۽ انساني ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ آهي. سندس تحريرن ۾ انساني حياتيءَ جي ڏکن ڏولاون ۽ ڏنل سهڻن سپنن جي ساڀيان نہ ٿيڻ جو سور سمايل آهي. سندس موقف موجب تہ خدا پاڪ تہ انسان کي سور نہ ڏنا آهن. انهن سڀين تڪليفن ۽ سورن جو ذميوار انسان پاڻ ئي آهي، جو سندس حقن تي راتاهو ٿو هڻي. هوءَ پنهنجي ڪهاڻين جا پلاٽ فقط سنڌ نہ پر پوريءَ ڌرتيءَ جي مسئلن مان چونڊي سنڌي ٻوليءَ جي سهڻن لفظن ۽ جملن ۾ پيش ڪري ٿي.

ٻوليءَ جي استعمال جي لحاظ کان نورالهديٰ کي پنهنجي فن ۾ مڪالمن معرفت عبور حاصل آهي. سندس پيش ڪيل مڪالما ڪردارن واتان ۽ خود ڪلاميءَ جي انداز ۾ تيز ۽ تند هئڻ سان گڏ اثرانگيز آهن. افسانوي ادب ۾ اهڙن مڪالمن جي باري ۾ عبدالقادر جوڻيجو لکي ٿو: ”مڪالمن جو ٽيون قسم اُهو هوندو آهي، جن کي بليڊ جي ڌار وانگيان تيزي سان چير ڏيندڙ حقيقت پسندانہ مڪالما چئبو آهي. اهي مڪالما تمام ننڍا هوندا آهن، پر ٿورن لفظن ۾ وڏي ڳالهہ چئي ويندا آهن. گڏوگڏ اهي مڪالما پاڻ سان وڏي معنويت رکندي اهڙا هوندا آهن، جيڪي ڪردار جي ذهني سطح ۽ مزاج تي ٺهڪي ايندا آهن ۽ ڪنهن بہ ڪردار واتان اجوڳا نہ لڳندا آهن.“[۸]

روزمره ۽ عام سادي سودي گفتگوءَ جي بجاءِ نورالهديٰ ڪٿي ڪٿي فلسفيانہ انداز ۾ تہ ڪٿي پنهنجي ڪردارن جي عين هلت چلت ۽ ماحول موجب مڪالما تخليق ڪيا آهن، جن سندس ڪهاڻين ۾ حقيقت جو رنگ ڀريو آهي ۽ ايئن منفرد اسلوب سان ئي سندس ڪهاڻيءَ جو مرڪزي نڪتو نروار ٿئي ٿو. هڪ معصوم ٻار کان ٻڍي تائين





هڪ نيڪ ۽ پارسا عورت کان چڪلي جي وئشيا تائين اٽڪل هر ڪردار جي جذبن جي اپٽار ۾ هن مڪالمن وسيلي پنهنجي من جو موقف پيش ڪيو آهي. هيٺ ڪجهہ ڪهاڻين مان حوالا ڏنل آهن، جن سان پڙهندڙن کي سندس فن ۾ ڪردار نگاري، ٻولي ۽ مڪالمن جي باري ۾ ڄاڻ ملندي.

”’ربو دادا اٿي بيٺو.

هل! توکي چڪلن ۾ نچندڙ اهي جوان ۽ سهڻا سهڻا جسم ڏيکاريان، جيڪي تو جهڙن عزت وارن جي ديا آهن، جن جا پيءُ وزير، اسيمبلي ميمبر، سينيٽر، قانوني محافظ ۽ قوم جا رهنما آهن. خدا جو قسم هل، توکي هن ڪوڙيءَ دنيا جو وڏي ۾ وڏو سچ ڏيکاريان‘. (ڪهاڻي: دوزخي)

”’تڏهين چيم، سنڌ جو هر وڏو ماڻهو چلڪندڙ تهذيب جو غلام آهي ۽ ڪي خرمغز پنهنجي اصل تهذيب جا مجاور آهن.‘

سومري نرڙ تي گهنڊ وجهي منهنجي منهن ۾ نهاريو، شايد ڪيس منهنجو ڳالهائڻ نہ وڻيو ۽ ناز بيگم کي چيائين، ’ڇلا ڪو مال ٻال آهي؟‘

هڪ ڇوڪري آئي، ڇڻ ڇڻ ڪندي ڀت وٽ بيهي رهي. منهنجي نظر ڀت تي ان هنڌ وڃي ڪتي جتي اڳ شانتي دان جي تصوير ٽنگيل هئي. اجرڪ ڪلهن تي، هٿن ۾ ’شاهہ جو رسالو‘ هئس. ساڳي ڳنڀيرتا ۽ خاموش وسيع سمنڊ جهڙي شخصيت اکين آڏو ڦري ويئي. انهيءَ ساڳئي ڪمري ۾ غلاظت مان آيل مرد ۽ عورتون نئون جنم وٺنديون هيون ۽ هاڻ ساڳئي هنڌ هڪ رات لاءِ دلين جا سودا ٿي رهيا هئا...

اسان شانتي منزل مان ٻاهر نڪري آياسين. ڇوري رشو بہ اسان سان هئي. ڏاڍا اوچا ٽهڪ ڏيئي رهي هئي. تڏهن مون پاڻ کي شدت سان ڇڙيٺ محسوس ڪيو هو. سومرو فاتح جيان مون ڏي ڏسي رهيو هو. سوچيم تہ سنڌ جا وڏا ماڻهو هڪ رات لاءِ عورت کي خريد ڪري پاڻ کي فاتح سمجهندا آهن، پر هو پنهنجو پاڻ بہ فتح نہ ڪري سگهيا آهن. مون پاڻ کي، سومري کي يا رشوءَ کي اهو ڪتو محسوس ڪيو هو، جيڪو هر ڪنهن غلاظت تي نوس نوس ڪندو آهي. مون کي اهي عورتون ياد اچي ويون، جن کي شانتي دان وئشيا مان عورت جو درجو ڏنو هو.“(سرحدون ۽ فاصلا)

پيٽ جي دوزخ ڀرڻ لاءِ ڇاڇا وڪامجي ويندو آهي. ’سنگسار‘ ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪا موالي پيءُ هٿان ڌيءُ جي ڪيل سودي بعد جا مڪالما هن ريت لکيا آهن:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”رات جو هو موٽيو، ته هوءَ جاڳي پيئي. ڪجهه دير شام جو رنو هئائين، جو اکيون اڃان به آليون هيس. سندس ٽئي پاسي ۾ هو ٻيئي ستيون پيون هيون. مانيءَ لاءِ روئي روئي ستيون هيون ۽ هن کي بک جي شدت ۾ ننڊ نٿي آئي. پيءُ کي ايندو ڏسي سندس بدن ڪنبڻ لڳو.

’جاڳين پئي؟‘ پٽس جي لهجي ۾ خوشامد هئي. هوءَ چپ رهي.

’آئون نوڪري ڳولهڻ ويو هئس‘ اهائي خوشامد، ڪوڙ ۽ لوڀ، پر هوءَ چپ به حيران به!

’نوڪري ملي ويئي اٿم بلقيس!‘ وات مان گگ ڳڙي پيس ۽ بلقيس کي ڄڻ ويساهه نه پئي آيو.

’تولاءِ به نوڪري ڳولهي اٿم‘. پٽس جي اکين ۾ لالچ ليئا پائڻ لڳي، جنهن کي سندس ذهن سمجهي نه پئي سگهيو.

’نوڪري ڪندينءَ نا؟‘ هو ويجهو هليو آيو.

’توکي اتي نوان ڪپڙا ملندا، ماني ملندي‘. ڪپڙن ۽ مانيءَ جو ٻڌي بلقيس جي اکين ۾ ستارا جرڪڻ لڳا. پر اڃان به چپ هئي.

’ڪندينءَ نه؟‘

’هائو‘ ڌرتيءَ جي پاتال مان ڄڻ آواز آيو.

’اتي هينئر هلون‘ عجيب ڪروڌ پٽس جي ڇهري تي پکڙجي آيو هو....

’سڄ ايرئي پٽس آيو. هن کي نه ئي نوان ڪپڙا مليا نه ئي جتي! هوءَ پيرين اگهاڙي آئي پيرين اگهاڙي ويئي هئي. سندس سَنڌ سَنڌ ساٽو ٿي پيو.‘ (سنگسار)

ناحق ۽ ڏاڍ جي دور ۾ اظهار جي پابنديءَ تي لکي ٿي: ”ڪافي شاپ مان اسان ٻاهر نڪتاسون ته سڄ پڇ رات ٿي چڪي هئي. سياري جي ڪري ٽريفڪ تمام گهٽ هئي، ايڪڙ ٻيڪڙ فوجي ٽرڪ تي لنگهيا. فوجيءَ اسان جي تلاشي ورتي. منهنجي پرس ۾ ڪنهن هٿيار بدران اهو نظم هو، جيڪو سيمينار جي شروعات ۾ پڙهيو هيم. فوجيءَ هڪ اڃاتري نهار نظم تي وڌي، شڪ ڀڏاٽل نوع ۾ مون ڏانهن نهاريائين ۽ نظم وارو ڪاغذ ڦاڙي، پرزا پرزا ڪري هوا ۾ اڏاري ڇڏيائين. تلاشيءَ دوران هُن جي ڪيسي مان اهو مقالو نڪتو، جيڪو هن سيمينار ۾ پڙهيو هو. ’منهنجي ڏيهه کي ڌارين جي ڪاهه کان بچايو.‘ هن وقت مقالي جي ڪاغذن تي فوجيءَ جو ڀاري بوٽ رکيو هو.





اسان جي ڍيل ڍيل احتجاج تي، ڇيندڙ لهجي ۾ فوجيءَ چيو: ”آئون اندازو لڳائي سگهان ٿو ته هن دور ۾ اوهان جي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪا به شيءِ امن امان جي صورتحال ۾ بگاڙو آڻي سگهي ٿي.“(ڪهاڻي: تون ۽ مان ڪڏهن نه ملنداسون)

مٿين حوالن مان مڪالمن جي اُٿت ۽ ٻوليءَ جي استعمال سان گڏ لفظ جي چونڊ تي روشني پيئي آهي. ليکڪا جي پنهنجي چوڻ موجب: ”مون کي لڳندو هو ته مون وٽ لفظن ۽ خيالن جا مٽ ڀريل آهن ۽ منهنجو وس نٿي پڄو ته مان اهي مٽ سنڌ ڌرتيءَ تي هاري هڪ ئي ڍڪ ۾ ان جي اڃ اجهائي ڇڏيان.“(٩)

سماجي زندگيءَ جي ڪيترن مسئلن کي موضوع طور ڪٽنندي، هن اهڙا اهڙا ڪردار اکين اڳيان آندا آهن، جو پڙهندڙ سندس مشاهدي کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي. هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ نورالهديٰ جون تخليقون سندس خاص رنگ جون مظهر آهن. سندس ڪنهن به ڪهاڻيءَ تي سندس نالو يا عنوان نه به هجي ته به سندس پڙهندڙ اهو ضرور سمجهي ويندا ته هيءَ ڪهاڻي نورالهديٰ جي لکيل آهي ۽ انهيءَ جو سبب يقيناً سندس دلڪش ۽ اثرائتو اسلوب آهي. نورالهديٰ جي فن جي مطالعي مان اها ڄاڻ به پوي ٿي ته سندس فن بتدريج ترقيءَ ڏي وڌندو رهيو آهي. سندس شروعاتي دور جي ڪهاڻين ۾ داخليت جو عنصر وڌيڪ موجود آهي، پر آهستي آهستي اهو خارجيت ڏانهن مائل ٿيندو ويو، جنهن جي تصديق هيٺئين حوالي مان ٿئي ٿي.

”هن دور ۾ تجرباتي عمل کي موڙ ڏيئي، ٻن فنڪارن سنڌي ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌايو آهي ۽ اهي ٻيئي ڪهاڻيڪار به خواتين منجهان آهن، جيڪي خيرالنساء جعفري ۽ نورالهديٰ شاهه آهن. هنن جي ڪوشش سنڌي ڪهاڻيءَ کي فني بلندين جي اتاهينءَ تائين رسايو آهي، جنهن ۾ فڪر جي طاقت ۽ سماجي شعور ٻئي سمايل آهن. ڌرتيءَ جي سڳنڌ ۽ جسم جي خوشبوءَ سان گڏ روح جي تڙپ به آهي. انساني معاملن سان آشنائي به آهي، ته انسان جي ويچارگي ۽ مجبوريءَ جا شديد احساس ۽ درد پڻ انهن ۾ آهن. انهن ليکڪائن جي ميدان ۾ اچڻ ڪانپوءِ جديديت جي مبهم انداز وارين ڪهاڻين جو طلسم به گهڻي دير تائين قائم نه رهندو ۽ هاڻ سنڌي ڪهاڻيءَ جي تخليقي جهت ۽ ميلان ۾ هڪ وار وري به خوشگوار موڙ آيو آهي، جيڪو ارتقا ڏانهن هڪ مزيد قدم آهي.“(١٠)

سنڌي ٻوليءَ جي خوبين ۽ خامين جي اپياس جي حوالي سان نورالهديٰ شاهه جو فن اهو ظاهر ڪري ٿو ته سندس تحرير ۾ علامتون، بيهڪ جون نشانيون مناسبت سان ڏنل آهن. هن سنڌي سان گڏوگڏ اردو لفظن جو استعمال پڻ ڪيو آهي، جن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ موجود آهن، جيڪڏهن اهي آٽي ها ته اجان به سندس نثر ۾ وڌيڪ سونهن پيدا ٿئي ها. اهڙن اردو ٻوليءَ جي لفظن ۾ ’ڪوئجي‘، ’ٻهڪڻ‘، ’دور دور‘، ’ڦهليل‘، ’ڪوئي ڪوئي‘، ’پي‘، ’پياري لمحي‘، ’سرخ سرخ‘ ۽ ٻيا لفظ شامل آهن.

نج سنڌي لفظن ۾ هن ’پنل‘، ’نيڻ نهار‘، ’نما شام‘، ’ليٽاڪا‘، ’سيرانڊي‘، ’ساروٽيون‘، ’پيچ پيٽڙو‘، ’چائنٽ‘، ’ڌرتي‘، ’وارتائون‘، ’ڳڙڪي‘، ’ميرانجهڙي‘، ’پيڙا جا پاڇولا‘، ’چنل ٽُنل، ٻولاٽيون‘ ۽ ٻيا سهڻا لفظ استعمال ڪيا آهن. موقعي مطابق پهاڪا، چوڻيون ۽ گفتارون به سندس تحرير ۾ ڪجهه حد تائين موجود آهن، جيئن: ’لهر نه لوڏو‘، ’ڏاڍي جي لٺ ڪي ٻه مٿا‘، ’ڳالهيون پيٽ ورن ۾ وڏي وڻ ٿيون‘، ’جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا‘ ۽ ٻيا آهن.

ڪجهه جڳهين تي هن ’ڪٽس‘ لفظ جو استعمال وڌيڪ ڪيو آهي، جيڪو ڪنهن حد تائين اڻ سهائيندڙ پڻ لڳي پيو، جيئن ’سنگسار‘ ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿي:
”ڪٽس پنهنجي زندگي بيحد روشن نظر پئي آئي، اڄ پت نه هئڻ جو ڪٽس ڪو به ڏک ڪونه هو. ڪُٽس دنيا جو سڀ ڪان وڏو خزانو بلقيس پئي لڳي.“

ڊرامه نگار جي حيثيت ۾ نورالهديٰ شاهه ٽيليويزن جي ڊرامن وسيلي گهڻي شُهرت ماڻي. سندس لکيل ٽي وي ڊراما گهڻو مقبول ٿيا. انهن ڊرامن جي ڪري هوءَ پاڪستان جي پهرين صف جي ڊرامانگارن ۾ ليکي وڃي ٿي. هن اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊراما لکيا، پر ڪيس گهڻي ڪاميابي قومي نشرياتي رابطي جي اردو ڊرامن وسيلي ملي، نور جي ڊرامن ۾ مقصديت، حقيقت نگاري، جاندار مڪالمن سان گڏ ٻيون به ناٽڪ نويسيءَ جون فني خاصيتون موجود آهن. سندس جو اردو ڊرامو ’جنگل‘ (قسطوار) هڪ طرح سان هن جي ڪهاڻين جي پهرين ۽ مشهور مجموعي ’جلاوطن‘ جي ڊرامائي صورت آهي. هن ڊرامي جي معرفت اردو ٻوليءَ ۾ سنڌي سماج جي ڪجهه اهڙن مسئلن کي موضوع بڻايو آهي، جن تي ڪڏهن ڪنهن نه لکيو هو. سندس پنهنجن لفظن ۾ ته: ”هتي مان پنهنجن ٻن ڊرامن جو ذڪر ڪنديس ’جنگل‘ ۽ ’عجائب خانه‘. جنگل سيريز منهنجي ان احتجاج جو Peak point هيو، جنهن جو مان





متي ذڪر ڪري آئي آهيان، جيئن چؤمکي لڙائي ۾ سپاهي پنهنجي پوريءَ سگهه سان مُٺ ۾ پيڪڙيل تلوار چئني پاسي ڪنوڻ جيان ڦيرائيندو ويندو آهي، ايئن مون جنگل جا 20 episodes لکيا ۽ انهن مان ڪيئي اهڙا هئا، جيڪي هڪ رات ۾ لکي پورا ڪيم. جنگل ۾ استعمال ڪيل ٻولي جيتوڻيڪ اردو هئي، پر مون کي راتين جي انهن اوجاڳن ۾ ايئن محسوس ٿيندو هو، ڄڻ مان انقلاب جو ڳاڙهو جهنڊو ڪٽي سڄيءَ سنڌ ۾ ڪاهي پيئي آهيان. هڪ طرح سان ’جنگل‘، جلاوطن ۾ ڇپيل ڪهاڻين جي dramatization پڻ آهي. جيتوڻيڪ ’جلاوطن‘ ۾ ڇپيل ڪهاڻين جو ڪٿيو ڪائڻ حرام ڪونه هو، پر اجان ڪجهه ٻيو هو، جيڪو مون کي پنهنجي ذهني ارتقا لاءِ گهربل هو. جنگل جي موت ۾ مليل چتي شهرت به منهنجي دل کي مطمئن نه ڪري سگهي ۽ نه ئي منهنجي اها اُڄ اُجهائي سگهي، جيڪا مون کي ڄڻ رڻ منجهه رُڃ پنيان لاڳيتو ڊوڙائي رهي هئي، پر ايترو ڪجهه ٿيڻ ڪان پوءِ به سڀ ڪجهه جيئن جو تيئن هو سنڌ جي سينڌ ۾ اجان تائين واري اڏامي رهي هئي ۽ سنڌي سماج اجان تائين ڦاسي گهاٽ جو منظر پيش ڪري رهيو هو.“(١١)

جنگل ڊرامي ۾ سنڌ جي ريتن رسمن جي اوٽ ۾ ٿيل جاگيردار طبقي جا ظلم، عورتن جو پوڳڻ، مردن جون بالادستيون، قرآن سان شاديون ۽ ٻيا الميا پيش ڪيل آهن. هن ڊرامي تي مختلف ماڻهن مختلف رايا ڏنا آهن. ڪجهه جي چوڻ موجب ته نورالهديٰ شاهه سنڌي وڏيري ۽ جاگيردار جو جيڪو ڪردار چٽيو آهي، اهو سنڌ دشمن آهي ۽ انهيءَ سان سنڌي قوم جي گهٽتائي ٿي آهي. جڏهن ته ’وڏيرو‘ لفظ جي معنيٰ ’تر جو وڏو يا چڱو مڙس‘ جيڪو قوم جي ڏک سور جو ڀائيوار هجي. هن ڊرامي معرفت وڏيري جي شخصيت جو تاثر منفي ڪردار جو ڏنل آهي. انهيءَ جي برعڪس اهو رايو به آهي ته نورالهديٰ پنهنجي ئي طبقي جي اصل حالتن کي تمام ڪاميابيءَ سان لکيو آهي ۽ انهيءَ سان گڏيل سماجي شعور ۾ تبديلي آئي آهي.

سندس سنڌي ڊرامن جو ڳاڻيٽو گهٽ آهي ۽ ڇپيل موجود نه آهن. سنڌي ڊرامن ۾ هن جو ’ڪاري‘ ڊرامو ڪهاڻي ’زندگيءَ جو زهر‘ جو ڊرامائي روپ آهي، جنهن ۾ هن هڪ ڪاري ۽ ڪوجهي ماتا ۾ وڪوڙيل ڇوڪريءَ جي ڪردار لاءِ همدرديءَ جا جذبا اڀاريا آهن. انهيءَ ڪان سواءِ سندس سنڌي ڊرامو ’رانديڪو‘ به آهي، جيڪو سندس پهريون سنڌي ناٽڪ هو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نظماڻي نثر ۾ سندس شاعريءَ جو مجموعو 'قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ' نيوفيلڊس پبليڪيشن 1992ع ۾ شايع ڪيو. نورالهديٰ شاهه جي شاعريءَ جو هيءُ مجموعو هڪ منفرد حيثيت رکي ٿو، جنهن ۾ قومي موضوعن سان گڏ هن ڪجهه ڏيهان ڏيهي موضوعن کي بہ آندو آهي. محمد ابراهيم جويو کيس قوميت ۽ انسانيت لاءِ درد رکندڙ نثرنگار ۽ شاعره ڪوٺيو آهي.

”سچا شاعر انسانيت جا پيغمبر تہ آهن ئي، پر سڀ کان اول هو قوميت جا پيغمبر هجن ٿا. نورالهديٰ شاهه جا هي نثري نظم 'قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ' (ڇا نہ تصوير ڪشي ٿيل، ڇا نہ پيڙا پريل آهي هنن لفظن ۾!) قوميت ۽ انسانيت جو اوچو ۽ سچو پيغام رکندڙ آهن ۽ اسان مان انهن جي پڙهڻ لاءِ آهن، جن کي جذبو آهي ۽ جيڪي سڄاڻ آهن.“(١٢)

نصير مرزا موجب، نورالهديٰ جي هن مزاحمتي شاعريءَ ۾ هن جي هڪ سٺي نثرنگار هئڻ جون خاصيتون پڻ شامل آهن. اڳيان اهو لکيو اٿس: ”هوءَ ڌرتيءَ جي شاعره آهي. سندس شاعريءَ ادبي دستاويز بنجڻ بدران تاريخ جي تسلسل ۾ هلڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني آهي. مزاحمت جي سطح تي جيتوڻيڪ، هن جو لهجو ڀرپور ۽ مڪمل آهي، پر... اُهو ڪٿي ڪٿي پنهنجي Poetic Content ۾ فليٽ ۽ سڌو ٿي ويو آهي ۽ ايئن ٿيڻ جو وڏو سبب اهو آهي تہ هوءَ بنيادي طرح اسٽائيلش نثرنگار بہ آهي ۽ ان سبب جي ڪري ڪٿي ڪٿي هن جي نثري نظم ۾ 'نظميت' فليٽ نثر جي ٽريڪ تي لهي وئي آهي.“(١٣)

نورالهديٰ نثري نظم ۾سادن سودن لفظن ۾ ديس واسين کي همت ڏياريندي لکي ٿي:

”ٽيڪ آ گهٽو ڪجهہ پاڻ کان ڌارين ڦري ورتو آ،
تڏهين بہ پاڻ ڪيڏا خوش نصيب آهيون.
گهٽ ۾ گهٽ حقن لاءِ وڙهون تہ پيا.
ڪوئي ايئن تہ نٿو چوي توکي،
هي تنهنجي ڌرتي ناهي
نورالهديٰ شاهه تنهنجي ماءُ ناهي.“(١٤)

ناٽڪن ۽ نثراٽي نظم کان سواءِ سندس قلم هيٺ هڪ ناول 'گرپ وتي'





1988ع جي سنڌ جي لساني فسادن جي موضوع تي آهي. حيدرآباد شهر جي ٻرندڙ حالتن ۾ پنهنجي ٽن ٻارن سان گڏ خوف ۽ هراس جي واقعن دوران لکيل هي ناول اڃان مڪمل نہ ٿيو آهي. مٿي آئون اها وضاحت ڪري چڪي آهيان تہ ليکڪ جي پيغام جي پختگيءَ سان ئي سندس فڪر واضح ٿئي ٿو. فني هنرمندي ۽ اسلوباتي ڪرشمہ سازيءَ سان گڏ اعليٰ فڪر جو ڳو فن نہ فقط پنهنجي عهد ۽ ماحول جي سماجي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو، پر جٽادار ۽ قائم رهڻ وارو بہ ثابت ٿيندو آهي. اها تڪميل جي آرزو ئي آهي، جا فنڪار کي زنده رکي ٿي، خوب کان خوب تر جي جستجو سچو فنڪار بنجڻ ۾ مدد ڪري ٿي ۽ سچو فن لافاني آهي ۽ هميشہ ان جي پورائي جي خواهش دنيا ۾ بهتر کان بهتر ادب پيدا ڪرڻ ۾ معاون ٿي آهي. نورالهديٰ شاهه اهڙي ئي ادبي فنڪار آهي، جيڪا پنهنجي تحرير جي فني گهرجن سان گڏ خيال جي بلندي ۽ فڪري عظمت سبب سڃاتي وڃي ٿي. ماڻهوءَ جو من ڇا سوچي ٿو ۽ ڇا عمل ڪري ٿو؟ حياتيءَ جي هر پل ۾ هو ڇا پائي ٿو ۽ ڇا وڃائي ٿو، سندس اندر جي اونهاين جا ڪوڙ، دولاب ۽ ٺڳيون، سچ ۽ صداقتون ۽ ٻيا ڪيترائي عمل ۽ ردِعمل آهن، جيڪي انساني وجود جي دنيا ۾ داخلا کان وٺي واپسيءَ تائين هو واپرائي ٿو، جنهن سان ئي هن ڌرتيءَ تي سندس حيثيت متعين ٿئي ٿي. اها سڀ خبر اسان کي نورالهديٰ شاهه جي مضبوط قلم مان پوي ٿي. هوءَ پنهنجو پاڻ سان، ڌرتيءَ سان ۽ انسانذات سان ٻڌل آهي. نورالهديٰ پنهنجي اهڙيءَ ڪميٽمينٽ تي لکيو آهي تہ،

”مان بهرحال Committed ليکڪ هيس/ آهيان
ڌرتيءَ سان
ماڻهوءَ سان
ماڻهوءَ جي ذهني ۽ وجودي آزاديءَ سان

اسان جا شخصي ۽ سماجي تضاد آهن، جيڪي وک وک تي اسان جا رستا ڪٽين ٿا. انهن تضادن کي اندو ٻڌجي disown بہ نٿو ڪري سگهجي. انهن سان ڪنهن پروفيشنل fighter جيان وڙهي بہ نٿو سگهجي. ان تي re-act ڪري سگهجي ٿو. ان جو اظهار ڪري، سگهارو اظهار، پاڻ پنهنجي اندر احتجاج آهي.“(١٥)

جيئن تہ ادبي تخليقڪار جي تخليق جو دائرو وسيع آهي، انهيءَ ڪري ڪنهن بہ فنڪار جي فن جي پرک ڪرڻ مهل ڪيترائي نڪتا نظر هيٺ رکڻا پون ٿا. ليکڪ جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لکڻ مهل سندس شعوري ڪوشش سان گڏ لاشعوري ڪيفيتن جي ترجماني پڻ ٿئي ٿي، جنهن ڪي نقادن ۽ اديبن بہ مڃيو آهي. ريٽا شهاڻيءَ جي موقف مطابق: ”ڪڏهن ليکڪ پنهنجي ڪهاڻي ذريعي پنهنجي اندر جي صفائي Catharsis ڪندو آهي ۽ لاشعوري طور ڪهاڻي لکندي مهل پاڻ ڪان بہ لکل جذبا، پنهنجي لکڻين ۾ وجهي، پنهنجي مَنَ کي اوجل ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پاڻ کي هلڪو محسوس ڪرڻ لڳندو آهي.“(١٦)

نورالهديٰ جي فن جي اڀياس ڪرڻ مهل سندس فن ۽ فڪر ٻنهي جي مطالعي کي اهميت ڏني ويئي آهي. هن جائزي مان اها پڌرائي ٿي آهي تہ هوءَ جز وقتي ليکڪا نہ آهي. هوءَ مستقل ۽ مسلسل لکندي رهي پيئي. شروع ۾ ڪهاڻيون لکيائين ۽ پوءِ ڊراما ۽ نثري نظم، پر لڳي ائين پيو تہ ڊرامي جي صنف کي پنهنجائڻ بعد سنڌي ڪهاڻي ڪانئس ڪجهہ حد تائين ڇڏائجي ويئي آهي، پر تہ بہ هن جيڪي لکيو، تنهن ۾ سندس فن بلندين تي آهي. هوءَ هڪ سٺي ڪهاڻيڪار جيان سماجي زندگيءَ جي باريڪين کي سمجهندڙ آهي. سندس فن خارجي ۽ داخلي ڪيفيتن جو امتزاج آهي. سندس وسيع تجربو، اڀياس ۽ مشاهدو اڄ اسان وٽ سندس ڇپيل ڪتابن جي صورت ۾ موجود آهي. سنڌي ادب ۾ سندس ڪيل خدمتون هميشہ قائم رهنديون.

## حوالا


١. شاهہ، نورالهديٰ، ’ڪيڏارو‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠٠٦ع، ص:٣٩٥.

٢. شاهہ، نورالهديٰ، ’ڪيڏارو‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠٠٦ع، ص:٣٩٦.

3. مظہر جمیل، سید، ’جدید سندھی ادب میلانات، رجحانات، امکانات‘، اکادمی بازیافت، کراچی، 2007ع، ص:1297.

٤. جوڻيجو، تنوير، پروفيسر، ’عورت سماج ۽ ڏاڍ‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠٠٤ع، ص:٦٠.

٥. شاهہ، نورالهديٰ، ’جلاوطن‘، آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد، ١٩٨٠ع، ص:١٩٠.

٦. شاهہ، نورالهديٰ، ’جلاوطن‘، آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد، ١٩٨٠ع، ص:١٢٤.

٧. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، ’آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو، ١٩٨٢ع، ص:٣٥٠.

٨. جوڻيجو، عبدالقادر: منظور جوکيو، ’آئيندو‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠٠٦ع، ص:٢٢.

٩. شاهہ، نورالهديٰ، ’ڪيڏارو‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠٠٦ع، ص:٣٩٥.







١٠. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، ’آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو، ١٩٨٢ع، ص:٣٥١.

١١. شاهہ، نورالهديٰ، ’ڪيڏارو‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠٠٦ع، ص:٣٩٤.

١٢. جويو، ابراهيم: شاهہ نورالهديٰ، ’قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ‘، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٩٢ع، ص:٧.

١٣. مرزا، نصير: شاهہ، نورالهديٰ، ’قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ‘، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٩٢ع، ص:٢٥.

١٤. شاهہ، نورالهديٰ، ’قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ‘، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٩٢ع، ص:١٦.

١٥. شاهہ، نورالهديٰ، ’رڻ ۽ رڃ جو اتهاس‘، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٩٢ع، ص:١٥.

١٦. شهاڻي، ريٽا، ’رشتن جو رقص‘، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، ٢٠٠٥ع، ص:٢٥.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair